نماڻن جا ماڻ

مالڪ مانجهي مرد ملاح - هر ڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه
نمي نمي هرڪنهن جو سيس-هرڪنهن آءِ هنجي آسيس




نماڻن جا ماڻ - ماڻ بہ آهن پاڻ



سنت سرومڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم: ١١ آڪٽوبر ١٩١٦   برهم ليِن: ٢١ اپريل ١٩٨٤

(پونم اسو ١٩٧٣)   [١٨ (ساتم) چيٽ ٢٠٤١]



بابا جن جي پوڙ هٿ اکري ءِ تان آءٌ سدا ٻلهار

ٻماڻن جا ماڻ - ڪنهن ڪان ڪين اَڇاڻ



سنت سرموَر بابا هريرام صاحب اُداسين

جنم:
٢١ ماگهه ١٩٣٣

ٻرهم ليِن:
٢٩ چيٽ ٢٠٠٤

تنهنجي ٻاجهه جو در کليل آ سدائين،
هريرام داتار - هريرام سائين.

- ڪمل ٻياسي

پوتر يادگيريءَ ۾



سرڳواسي شري موتيرام ٻيڏارام موهناڻي

سرڳواس تاريخ : 23-11-1986

راما ڪنفيڪشنري ورڪس

(راما بسڪيٽ)

سهجپور بوگها، احمدآباد - 382345

فون : 817381 - 817396



شري مهنت بابا گنگارام

بابا شيوارام صاحب اُداسين

نماڻن جا ماڻ

— آشيرواد —

برهم لين پوڄ بابا شيوارام صاحب

بابا هريرام صاحب اُداسين

۽

مهنت شري پوڄ بابا گنگارام صاحب

بابا شيوارام صاحب اُداسين

هري شيوا ڌام، ڀوپال گنج، روڊ نمبر-٢، ڀيلواڙا-٣١١٠٠١

رچيتا:

ڪمل ڪيولراماڻي "پياسي"

"هري شيوا" پلاٽ ٣٨٢/٤، سيڪٽر ٢٩،

گانڌينگر. (گجرات) ٣٨٢٠٢٩

ڇاپو پهريون	سال: 1991

ڇپيو:	ڇپائيندڙ:
گرديو پرنٽنگ پريس،	هريءَ جا داس
ڪبير نگر، احمدآباد.	سائينءَ جا شيوڪ

پيشڪش:

سڪ، شرڌا، سڌ ڀاونا

پنهنجي پاران......

وسمرت گھڙين جي اوٽ زندگيءَ جي هر طرف کان جھاتي پسائڻ ۾ مدد ڪندي آهي. منش وقت جي وٽين ۾ جڪڙيل آهي. هو نه ڪڏهن به زمان کان دور رهي نه سگهندو. وقت بادشاهه آهي. جو ڪلهه هو اهو به وقت هو جو اڄ آهي اهو به وقت آهي. سڀاڻو به سندس ئي آهي. البت سڀاڳا انسان وقت جي گهيري ۾ هوندي به مڪت رهيا آهن ۽ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ اهڙا ست پرش هئا برهم لين بابا هريرام صاحب ۽ برهم لين بابا شيوارام صاحب.

سندن تصويرون منهنجيءَ دل ۾ براجمان آهن. هو داتار هئا، ڪرتار هئا، ديا جا ڀنڊار هئا. مايا کان دور هوندي به هنن هرڪنهن کي سنيهه ڏنو، سونهون بڻيا ۽ جگياسين جي زندگي سوارڻ لاءِ جتن ڪيا. منهنجو سر سندن قدمن ۾ جهڪي ٿو.

هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪجهه آهي اهي صرف منهنجون ڀاونائون آهن. دل ۾ اُٿمانڊ اٿيا، جن ڪويتا جو روپ اختيار ڪيو، البت دادا هري دلگير جو لنبي نظر ٿي ڪتاب تي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

۲۹ جنوري ۱۹۹۱ — ڪمل ”پياسي“

عنوان چٽر:
گهنشيام "ساگر"

سهڪار:
ديال موهناڻي

پياس پبليڪيشن

ڌريم پيت جڏهن سنڌي سرسري،
ڪندين پاڻ منظور ٿوري ذري،
سڦل ٿيندي تنهنجي ڏنل حاصلات،
لکيو تو، اها پڻ ڏنل تنهنجي ذات،
لکيائين تو، منهنجي لکڻ ڪار آ،
ڌريم پيت، جيڪو هيءُ اظهار آ.

- ڪمل "پياسي"

— سمپرڻ —

دين ديال- ڪرپال نندان
نماڻن جا ماڻ-
توهان جو ڏنو
ارپيان ٿو توهان کي.
مونکي گهرجي صرف
توهان جي ذات.

- ڪمل "پياسي"

— بابا هريرام صاحب جيون ڪويتا —

(١)

هري ٻي اهو، رام ٻي آ اهو،
مراري متو، شيام ٻي آ اهو،
اهو ستگرو، سام ٻي آ اهو،
ڪليل ٻي اهو، مام ٻي آ اهو،
سچو سنت سوئي سڀاجهو سڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢)

ٻدگو ڳوٺ ۾ ٿيو عجائب لقاءُ،
سدورو سڀاجهو ڄڻيو ٻار ماءُ،
ٽنورام جي گهر الائي اهاءُ،
پکڙجي ويو خيرتي هڪ هڳاءُ،
دعائون ڪري ويو وسڻ گهوٽ جاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١) سام=اَجهو، اوٽ پناهه: مام=ڳجهو، پرولي، اڪل
(٢) اها=پرڪاش: هڳاءُ=خوشبوءِ

ٻه اکر....

پيارو ڪمل ٻوج بابا هريرام صاحب ۽ ٻوج بابا شيوارام صاحب جنهن جي جيون بابت جو ڪجھ شايع ڪري رهيو آهي، سو آشا آهي ته پڙهندڙن کي پسند پوندو ۽ سکيادائڪ ٿيندو. اڳ ۾ به ٻوج بابا هريرام صاحب جن جي جيون تي سندر ۽ سکيادائڪ لکي جس جو ڀاڳي ٿيو آهي. ستگرون جي مهر ٿيندس جو سندس قلم هن ڏس ۾ سدائين هلندو رهندو ۽ پاٺڪن کي سنتن جي سکيائن جو آنند وٺائيندو رهندو.

هري شيوا ڌام،
ڀيلواڙا (راجستان)

— هاسو ڪيولراماڻي
٢٦-١١-١٩٩٠ع

اچي جي سوالي ڪٿي ڪو سوال،
تہ تنّي سنت ڪرپال وٽ هو مجال،
ڏکين ۾ بکين لاءِ ذاتر جو ذارڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٦)

اچن سنت ساڌو، اچن مير پير،
اچن ملڪ والي، اچن پڻ فقير،
سوين سوکڙيون تن وٽان بي نظير،
مگر سنت ڪرپال وٽ سي حقير،
اچي چاه، وڃي چاه، رکي ڪير جاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٧)

هو جيوت نماڻي ۾ شيوا جو پل،
گروءَ ۾ آنل پريم شرڌا اجهل،
گروءَ جي وچن تي ادب سان عمل،
هٿي هٿ هلن، پر هٿي من لڳل،

---

(٥) پال = قرب، مهرباني: مجال = قبول
(٦) بي نظير = لاجواب، قيمتي: حقير = حسيس

(٣)

ٿڌورام ٻانئي ٻہ درويش تن،
وسڻ شاھ سائين جي جنھڪي شرن،
سچي ستگروءَ جا سدورا وچن،
ته ٻالڪ جو رھندو سدا مست من،
اُتو ٻار جيوت اندر نج نڌاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٤)

ڀريا شھر ۾ سنت مشھور ھو،
ڀريل سنت ڪرپال ۾ نُور ھو،
ڻ ٻال جيوت کي منظور ھو،
سندس پيار جيوت سان ڀرپور ھو،
وڃي جت گرو، شش آئي ساڻ ساڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٥)

ڀريا ڳوٺ تي ٽيو ڀلاري جو ڀال،
اچي جيڪو دربار ۾ سو نھال،

---

(٣) نڌاڻ = نڌان، مھلاس، خزانو
(٤) ڪرپال = بابا ڪرپارام صاحب

سبق خوب محنت سان پاڙهجو،
هلو ڪيمت ڏي، ڪيمت آ سون - ڪارڻ،
هريرام بابا، تماڻن جو ماڻ،

(١١)

اگر ڪيڙو ڪيمت، ٿيندي ايمت،
ڪريون تنهن مان دربار جي ڪل ڪيمت،
ڪيمت سان ڳڏ وڳڏ ڪنداسين بچت،
ڏناڏون اهڙا هاڻ پريمين کي مت،
ڪريو ڪرم، ڪنهن جي ڪيو ڪانه ڪاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٢)

عجب ڇا ته ڪيتيءَ جو پيغام هو،
هئي خاص جي عام سان عام هو،
مزي جو مزو، نام جو نام هو،
صحت ساڻ پڻ فائدو جام هو،

---

(١٠) تاڙڻ=نظر وجهڻ، تڪڻ، ريس ڪرڻ:
جهاڙڻ=جهاڙ ٻڙهڻ
(١١) ڪيمت=ضرورت، خرچ: ڪاڻ=غرض
(١٢) جام=جهجهو- رام پاڻ=اڻ گس تير، پڪو علاج

هتي هاج هردم، هتي نيار هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٨)

هيڏڙ عمر جيوت جي پڄنجيه (٣٥) ٿي،
نون (٩) جو هو آيو، نمڍو ٻار ٿي،
سنڌس هاڻ شيوا قبولي ويئي،
مليس نت ڪرپال واري گدي،
۽ جيوت ڦري ٿيو هريرام هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٩)

هريرام بابا گديءَ جو ڌڻي،
جيئن نانءُ وڌ، تيئن نمرتا گهڻي،
هو ميوي ڀريل ڄڻ، ڀيو وڻ ٻڻي،
پوءِ ڀاڳيهي جنهن منجهان ڦل ڇڻي،
سو ميوو هو، جنهن ۾ مزو ۽ مٺاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٠)

ڇپانون، نه پيٽا مٿان ڀار جو،
نه پرڀين جي ڌن مال ڪي تاڙ جو،
نه ٽوڻا، نه ڦيڻا، نڪو جهاڙ جو،

(١٥)

سندن واڪ ۾ ٿي وسيو ايشور،
ڇون جو ٻه، سوئي ٺهي سر سبر،
لکل غيب جي ڪين ساري خبر،
ڏسي ٿي سگهيا، ڇا وهي ٿو اندر،
نه پي هو ڇون، ٻاڻ آهيون اڻڄاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٦)

ڇپائون: ته زالون نه ٻيري ٻون،
نڪو ٻنهجي دربار ۾ سي گهڙن،
غرور آ، اهي بدنظر کان ٻچن،
ڪي آدرش دربار جا پي هجن،
اَمڙ! تون ٻچيءَ کي ٿي گرديو جاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٧)

ڇپائون: چڪي خوب چورڻ کپي،
ڏهيءَ کي گهرن ۾ ولوڙڻ کپي،
گهرو ڪار سان سنگ جوڙڻ کپي،

---

(١٥) غيب = اڻڏٺل (آئينده): واڪ = واٽي، وچن
(١٧) چڪي چورڻ = جنڊ هلائڻ

مٿان مڙن واسطي رام - ٻاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٣)

ٻڍي ماءُ، بابا ٿو شيوا ڪري،
ڏئي درس دارون دکن کي هري،
اُجهل پيار پائي ٿو هرڪو نري،
اَچي جو بہ بابا ڏي، خوش ٿي وري،
اَپوري رهي آس ڪائي نہ هاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٤)

سخيءَ جي سخا جو پيو در کلي،
سُندن دان جي هاڪ وئي هلي،
سڳنڌي هوا وئي گهر گهر گهلي،
ڪڏهن چور خوني نہ آيا پلي،
اهي ٻي جهڪي ڪن وڏائي وڪاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١٣) درس دارون = ديدار جي دوا: هرڻ = دور
آپوري = اڻ پوري
(١٤) وڪاڻ = واڪاڻ، ساراه.

(٢٠)

چيائون: جني نام جو جاپ آ،
اُني شُڌ هردو، پري ڇاپ آ،
نه جي پاپ آ، کو نه سنتاپ آ،
اُنهيءَ جي ديا جو نه مپ ماپ آ،
اُنهيءَ کان وڌيڪ آ نه ٻوٽي پراڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢١)

چيائون: اکل دان سڀ کان سٺو،
آ همدرد انسان سڀ کان سٺو،
نمرتا سان ودوان سڀ کان سٺو،
نمرتا، ديا، ڌرم ٻن من مساڻ،
هريرام ٻابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٢)

چيائون: ته ڌن کي کمائڻ کپي،
سدا سمجهيءَ کي وڌائڻ کپي؛
سچائي نه ليکن گنوائڻ کپي،
کمائي ولهن ۾ ورهائڻ کپي،

---

(٢٢) ڏاتر جو ڏاڻ=ڏاتار جي بخشيش

ڦڳوڙين کان منھن پنھنجو موڙڻ ڪپي،
انھيءَ ريت زالن جي ٿيندي وڪاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٨)

جتي پيو ھا، بابا! نڪت يا نہ دور،
سڏي ڪير سڪ سان نہ حاظر حضور،
گھري جنھن شرن، سو ڇڏيندا نہ مور،
دکين جي دلين جو سڪائيندا سور،
پسائيندا پرتکش، نوري نشاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(١٩)

گرو گرنٿ ٻاڻي عجب **امر ٿي**،
منجھس لڪشمي آ، منجھس سرسوتي،
چيائون: انھيءَ جي شرن جنھن ورتي،
انھيءَ جي سدائين ٿئي پرگتي،
انھيءَ کي ھتان ۽ ھتان جي نڌاڻ،
ھريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(١٨) نڪت = نزديڪ، ويجھو: پرتکش = صاف صاف
نشاڻ = نشان: نذاڻ = خزانو
(١٩) وٽي = ورتي: پرگتي = واڌارو

(٢٥)

هليا ويا، تڏهن ڀي هوءِ ايندا رهيا،
سڏيندڙ کي سڏ سڏ ۾ ڏيندا رهيا،
سندن نام جيڪي جپيندا رهيا،
اچي ڪشٽ تن جا ڪٽيندا رهيا،
اچن ٽرت، گويا اٿن ڪو وماڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٦)

هينئر سنڌ اندر رهڻ ٿيو ڏکيو،
هلڻ هند ڏي ٿي مناسب ٿيو،
هليو هاڻ هندن سندو قافلو،
لڳاتار جاري اِهو سلسلو،
ڀلا ڪير روڪي سگهي لڏ پلاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٧)

هينئر ڀيلواڙا ۾ دربار آ،
اتي ڀي ته بابا جو ديدار آ،
سدا ڀياس تن جي، سدا سار آ،

---

(٢٥) ومانڻ = ومان، هوائي جهاز
(٢٧) وٿاڻ = جڳهه، شهر

ڏيڻ سان ڏھوڻو ٿي ڏاڍ جو ڏاڻ،
ھــر يـــرار بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

(٢٣)

ٿڌيءَ تي چڱا سال گذريا ھيٺئر،
پر سال چاليھہ ٽي (٤٣) ٿيا گذر،
ڏٺي ھـــاڻ سرڪـــار سڀ کي خبر،
نہ يارھ ورھاڱي ڪنداسين نڪر،
چياڻون: ورھاڱو نہ ٿسنداسين ھاڻ،
ھــر يـــرار بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

(٢٤)

سندن عمر ھاڻ انھتر (٧٨) ھئي،
سڄيءَ سنڌ ۾ ھـــاڪ چوڌر ھئي،
اڪنڍ نـــام جـــي ڌن برابر ھئي،
سمـــاڌي ۽ سرتـــي نرنتر ھئي،
ارادو رکي، ولـــا ملي برھم ساڻ،
ھــر يـــرار بابا، نماڻن جـــو ماڻ.

---

(٢٣) ورھاڱو=١٥ آگسٽ ١٩٤٧ وارو

(٢٤) سرتي ۽ ڌيان: نرنتر=لڳاتار، سانڌ ه

(٣٠)

اي بابا! جا دلگير رچنا رچي،
ڪويتا سا آهي برابر ڪڍي،
مگر آهه سٽ ۾ شرڌا سڌي،
ڪري قرب، ڪامل، قبوليو اُچي،
اهوئي ڪپي مونکي ڏاتار ڏاڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

— هري دلگير

پريو ڇايا،
آديپور. (ڪڇ)

---

(٣٠) ڪامل = پورن ستگرو

نوٽ: ذيل نمبر مصرائن جو نمبر ٿا ڄاڻائين، جن ۾ آيل ڏکين اکرن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي.

اندر ۾ اهائي لڳل تار آ،
سندن ڪرم سان ٿي وسيو هيءُ وناڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٨)

اڃا پيئي سي ڪاريه هلن ٿا اٿم،
اڃا پئي اٿي پيار شرڌا اٿم،
لڳي پيلواڙي جي مهما اٿم،
شيوارام بابا جي شيوا اٿم،
سچن لاءِ پريل نيهن جا نت نياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

(٢٩)

اي بابا، اوهانکي ٿو جيڪو سڏي،
نوازش سان تنهنکي ڇڏيو نا اڏي،
اوهان ڏي جو آيو ڀيا در ڇڏي،
انهن کي ڇڏيو پاڻ سان ٿا گڏي،
جهانن ٻنهي جا ٿيين ٿا ڪلياڻ،
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ.

---

(٢٨) نياڻ = اللاءُ، ٻ نيڻ، سرور
(٢٩) ٻه جهان = لوڪ پرلوڪ

ٿي ويندي ته تڪليف ٿيندي. (دادا دلگير کي
پرپرٽا مليا، ڇو ته ڪيس اهڙو وشواس هو ۽ لفافي ۾
موڪليل ڪوئتا به باسلامت پهچي ويئي- باباجن جي
مهر مِيا ٿي ويئي)

خير ناهي ته ٽوڪي ڪيڏي لمبي ڪوئتا گهرايل
هئي، منهنجيءَ ڪوئتا ۾ (١٨٠) سٽون آهن. اميد ته
ٽوڪي ڪوئتا ٺيڪ لڳندي. ٻه ٽي ڏينهن لڳي ويا،
هن ڪوتا لکڻ ۾، **پاڻ بابا آچي سهاءِ ٿيا ۽**
منهنجو ڪم پاڻ ڪيائون. ٽون ڪوتا جي پهچ
ڏج ۽ پنهنجو رايو به ضرور لکي موڪلج. ڪوتا
لکڻ ۾ ڪجهه تڪليفون آئو آيون، جن مان مکيه هي
آهن (١) روبرو درشن نه ٿيو هو (٢) پهلواڙو به ڪونه
ڏيو آهيان (٣) گروسهائيءَ جو لکيل جيون چرتر ڪونه
پڙهيو اٿم (٤) ٽنهنجي ڪوتا، جنهنجو ذڪر انگريزي
ڪتاب ۾ آيل آهي، سا به ٽيان ۾ ڪانه آئي (٥)
انگريزي ڪتاب ۾ بابا جن جي مها سماڌيءَ بابت
هڪ لفظ به لکيل ڪونه آهي ته ديهه جو انت ڪيئن
ٿيو (٦) بابا شيوارام بابت به ڪجهه لکيل ڪونه آهي
خير مون شردا سان لکيو آهي ۽ اميد ته ڪوتا قبول
ڪندا. (هري دلگير - ٢٢-١١-١٩٨٢)

شاعر هري دلگير جي پريرڻا

(سنڌس آيل خطن جا حوالا)

١- بابا هريرام صاحب جي مهانتا اڳيان سر جهڪايان ٿو. ڪويتا لکڻ لاءِ پريرڻا گهرجي. جڏهن اُساهه ڏيندا ته ڪويتا ڪن ۾ تيار ٿي ويندي. پر اڃا ته اهڙو امنگ ڪونه ٿو ملي ۽ امنگ بنا ڪويتا ڪهڙي (هري دلگير- ٩-٩-١٩٨٢)

٢- پريه پياسي- سدائين پياس وڌندي رهي. تنهنجو خط ۽ ڪتاب "بابا هريرام" ٻئي پهتل آهن. ڪتاب پڙهي، سمتي ڪجهه لکي موڪليندس دلجاءِ ڪج. اڳي ائين هوندو هو ته جيڪي چاهيندو هوس، اُن ۾ من وجهي، ڪنهن به وقت، ڪجهه نه ڪجهه لکي وٺندو هوس، پر هينئر من جي حالت ڪجهه اوُر آهي. اڄڪلهه پنهنجي مرضيءَ سان لکي ڪونه سگهندو آهيان. جڏهن لکائيندو آهي، تڏهن ئي لکندو آهيان. مونکي وشواس آهي ته بابا هريرام سائين پاڻ اچي سمت سهاءِ ٿيندا. (هري دلگير - ٢-١٠-١٩٨٢)

٣- گهربل ڪويتا، اڄ جدا لفافي ۾ موڪلي رهيو آهيان. ان ڪويتا جي صرف ڪاپي مون وٽ آهي، جنهن ۾ پورو مواد ڪونه آهي. جنهنڪري هيءَ گهه

هر ڪنهن تي هن جي رحمت،
پيار ڏاڻ هن جي عادت.
سامهون جي طوفان وڏو هو،
هو پاري ڇتان بڻي پيو.
ڪير وڏي سينو سهائي،
جو ٻه وڏيو ئي، ويو هارائي.
جو جو هن جي در تي آيو،
تنهن جو هن ٿي پاڳ وراهو.
هوُ هو مهر ميا جو مالڪ،
پاڻ ئي پريو، پاڻ ئي خالق.
جاپ جپڻ جو ڏئي سنديش،
هوُ هو هڪ پهتل درويش.
ڏاپ پري صورت سلطاني،
لالڻ لاکيڻو هو لاثاني.
هوُ گوبند هو، هوُ گرڌاري،
هوُ ئي ڪرشن، ڪان مراري.
مهاوير، وڪرم هو، پيارو،
ڪمت ڪيدي، ڏئي سمت سهارو.
شنڪر، شيام ۽ ڪيسري نندن،
هن جي تيج، اڳيان جڳ - وندن.
جيڪو ڪيس ڏيائي ڏر ڏر،
ڪيس تو پائي، دل جي آندر.

هري چاليسا

ڀاڳ ڀريءَ ڀومي تي آيو،
ڳوٺ پرين جو شان وڌايو.
هري روپ اوتار ڌڻي هو،
ٿهلو چمڪيو سون ڪڻيءَ جو.
ڪشٽ ڪٽي دک درد مٽائي،
ٻاجھ ڪري ٻاجھارو آهي.
رحمت وارو رب آ پيارو،
رهبر آهي، سو رکوارو.
اوچي هن جي آهي هستي،
هن جي دهشت، ذهنيت مستي.
هن جي ٻاڻي اَمرت اَمرت،
هي جي اعليٰ، عظمت شهرت.
هوُ هو روحاني اِنسان،
ڪري سگهي مشڪل آسان.
سنڌس سنڌيه جو ڪونه هو ماپو،
هن ۾ ڪانه خودي، يا آپو.
هن جو حڪم، خدا جو نياپو،
جيءَ جڏي جو ٺهيو جياپو.
دانهن سڻي جو داتا آهي،
بيواهن کي راهه ٻڌائي.

جيڪو هن جا گڻ ٿو ڳائي،
هن ۾ پنهنجو ڌيان لڳائي.
پورڻ ٿيئي ٿي ان جي آشا،
هن کان ڪوهه پري ٿي نراشا.
سوامي هيءُ آ انترياميِ،
سڀني ۾ ساکيات مدامي.
هري رام هر ڪارج سنواري،
جو جو هن جي اچي دواري.
خلق جي خدمت، هن جي رحمت،
پيار ڏيڻ جي، هن جي عادت.
اڄ پڻ ياد دلين ۾ آهي،
ڪير سگهي ٿو ڪيس ڀلائي.
هريرام هو هر سک دائي،
ڪشٽ متي، جا پيڙا آئي.
سادن سنتن جو رکوارو،
ڀڳتن جي لءِ ساهه کان پيارو.
هٿڙي ناٿ اڳيان سر منهنجو،
ڪيئن نه سو پيو هر هر جهڪندو.

— ڪمل پياسي

جيڪو هن کي ياد ڪري ٿو،
ان لئي هو باجهه ڌري ٿو.
هر ڪنهن لاءِ هن راهه ٻڌائي،
ڏک، سک، ۾ ٿيو، سنگهه سهائي.
هن جي ڌاڪ تي هاڪ،
هن جا ٻول ساڃي ماڪ.
سڀڪ سڀڪ جي، هن کي سرتي،
هن جي جڳتي، مهان جڳتي.
هوُ تہ ديالو، ڏيندو ٿي هو،
پيڙ نہ ذات پات جو رکندو.
سادو ورتڻ، سادو ڀرڻ،
سادو ٻولڻ، اوچو سوچڻ.
سر تي صافو، چادر اوڙهي،
مکہ سان رام نام پيو سوري.
هن جي هٿ هر ريت نياري،
مهاٻلي هو، ٻرج ٻهاري.
هو هڪ اسراري انسان!
هن جي مهما آهه مهان.
پڙهندو جيڪو **هري چاليسا**،
تنهن جا سڀ ڏکہ دور ٿي ويندا.
سمتي ايندي، سمپتي ايندي،
راج ڀاڳہ ۾ انتي ٿيندي.

۽ پنا ڪئي آسيس.
ڳروءَ ڪئي رکشا، ڪرپا ڪئي ڪرپارام.
شد انتهڪرڻ جو سنديش مليو، سهارو مليو، ٻل مليو.
جنهن اون رکي، تنهن راهه ڏسي
پيار پناهه ڏني.
جيوت جي جيوت ٻلجڻ لڳي
پشپ هڪڙو پرگهٽ ٿيو
ڪومل ۽ نازڪ جذباتي پنکڙين کي
پنهنجيءَ چاهت سان چنبڙائي،
محسوس ڪيائين پنهنجيءَ سڳنڌ کي ڦهلجندو
سڳنڌ کي ڦول اندر ئي جذب رهڻ جو آديش ڏنائين
وشال سڳنڌ ان جي اندر سمائجي وئي
سندس ڳڻ وايو منڊل ۾ پکڙجڻ لڳا.
ساري فضا موهجي وئي
جيئي ڇڏيائين جيون کي پنهنجي پريم واس سان
ديا جو دوار کلي پيو
سندس مٺڙي وهنوار ۽ چت چور چلت
من موهي ڇڏيا منش جا.
اسڪولي تعليم جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي
ڳروءَ جي ڪرپا سان ڳرمکي سکي ورتائين
ڳرو ڳرنٿ جي واڻي ڪنٺ ٿي ويس.
ائين ئي ٻڌيءَ جو پرڪاش ٿيو،

ريکا چٽر

- هري جيون درشن -

ايڪونيهين مانگهه، سنبت اٺونجاهه سو نيئيهه،
ڏڻ ٽيو اهو ڏينهن
بالڪ **جيوت** جو جنم ٿيو.
منڊي ماتا جي گود ڀري
۽ ڀاونا پوري ڀڳت
ڀاڳشالي ٿيو سنڌس پتا ڌنورام.
چپر ڪليا ۽ پرڪاش ڦهلجي ويو
سنڌس سڀاڳي درشن سان.
بند مکڻ جا ڪلي پيا دروازا
۽ گگن منڊل جي لهرن ۾ ڦهلجي ويو آواز.
چنڊ جي روپن ڪرڻن
وڇائي پاون ڌرتيءَ جي مٿان
سونهري، جڳمڳ ڪندڙ چادر
پرڪاش ڦهلجي ويو چوڌاري
سڳنڌ ڦهلجي ويئي منڊل ۾
پشپن جي وچم ڪري پيو،
نئون نرالو دويه پشپ رتن.
گرو ڪرپارام گهري ورتي بالڪ جي بانهن
گد گد ٿي گود ڪئي خالي ماتا

مهاداني ۽ منڙو گياني
پنهنجي پرڀوءَ جي ڇپر ڇانوَ ۾ رهيو.
گروُ رتن هو سندس سوامي ڪرپارام
جن جي چرڻن ۾، جن جي نيڻن نگاهه هيٺ
جنهن جي اوجل جل سان وڌندو رهيو
پورنتا جو پشپ سڳنڌي،
بابا ڪرپارام جي باغيچي جي ان گل جي
هر هنڌ ٿي واکاڻ
هيڏانهن هوڏانهن، هيٺ مٿي، اردگرد،
ڌرتيءَ کان آڪاس تائين
جس وڌڻ لڳو
گرديو جي رهبريءَ سندس زندگيءَ ۾ زيب ڀريو هو
راهه ڏيکاري هئي، ڏني هئائينس استرتا
آپياس، من ۽ چيتن ۾
هر منش جي سيوا ۾
ڪنور ساڌنا تپشيا ۾.
ڦهلايو بابا پريم جو پرڪاش
سکيا ڏنائين- راهه ڏسيائين
پراون کي ۽ پنهنجو ڪيائين
ڏيکاري ديا جي درشٽي،
شانت ڪيائين پياس جگيتاسين جي...
هريءَ جوت جڳائي

انهڪرڻ شڪ ٿيو.
پٽ راڻي ڪويتا هئي سندس داسي
لفظن ۾ هئي لالڻ جي لياقت
شيوا پنهنجو اصلي روپ اختيار ڪيو، سچو ٿيو ساڪار
گرهستين جي گهٽيل حالت کي ڏسي
دکين جي دکن جا داستان ٻڌي
گهرجائن جي گهرن کي مان ڏيڻ لاءِ
هو ڏيندو رهيو پنهنجي آسيس
پنهنجيءَ مهر، پنهنجيءَ ديا ۽ ٻاجهه جا ڀريل ڀنڊار.
جيوت ٿي پيو روپ **هريءَ** جو
جڏهن **پنگو ڀڳت** ڇڏي، **پرين** ۾ اچڻ کانپوءِ
پاٿي گروءَ جي ڪرپا، هو ٿي پيو **"هريرام"**.
سڪ جو هو صاحب! سنيهه جو هوُ ڏاٽي!
جنتا ۾ جنارڏن هو ۽ نر ۾ هو نارائڻ.
پرڀوءَ لاءِ سندس من جي اُڏام
ڪنڊن جو دوُر ڪرڻ ڪين چاهيندي هئي
پرين جي ڀوميءَ کي، هن سمجهو ڌرتي ڌاٽيءَ جي،
اُهائي ٻڻي سندس تپ ڀومي،
جيڪا اهڙو پشپ حاصل ڪري هري ڀري ٿي پيئي.
ڀرم تپسوي سنت -
ويراڳي ۽ اوڌوت -
نج اوتار - ڀنڊار ديا جو -

پر گنڀير هو اڄ جو جيوت، هاڻ جو هري گرو،
سوچي رهيو هو شايد—
سرير تہ ناسونت آهي ئي
ديھہ کي مٽائڻي آهي پوشاڪ
پر امر آهي آتما.
آتما آهي اُها، جا نہ مري ٿي نہ جمي ٿي
تڏھن ڪيس لڳو تہ سندس ستگر
سامهون بيٺو آهي، مشڪي رهيو آهي، آٿت پيو ڏئي،
چئي رهيو آهي، شانتيءَ جي لڪل آنچل سان:
"ڪھڙيءَ ھرکر ۾ آهين هري ڀڳت؟
ڇا پيو سوچين؟
مان تہ هت ئي آهيان-
تنهنجي نزديڪ ئي آهيان."
هڪ پرڪاش جي ريکا ڦهلجي وئي
موهہ جو پڙدو هٽي ويو.
اَنڀو ڪيو **هريرام**
سندس گرديو واستو ۾ اُتي آهي
سندس ئي پر ۾ آهي.
وارث جي روپ ۾
سنڀاليو **بابا هريرام**، پنهنجي گرديو بابا ڪرپارام جو،
پريم پرڀوءَ وارو پد
ديا، ساڌنا ۽ گيان سان

دوراندیشيءَ، عقل منديءَ سان
جهونا بندن، رسمون ٽوڙي
جهونا پستڪ پوٿيون لوڙهي
پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ ڪاڻ،
هو جڳديش بڻيو جڳ‌داتا،
جهڙو مٺڙو مٺڙو ٻالو
تهڙا هن جا گياني گڻ.
پرتندي ٿي پشپ رلن هن،
سچ جو ٿي پرچار ڪيائين
راهبر جي راهبريءَ جو ڪيس مليو هو مارڳ درشن
ڌرم جو پرچار ڪيائين
سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيائين
اڌياتمڪ شڪتي پائي
سچي سادڪ ۽ يوگيءَ جي روپ ۾
برهمچريه جو پالن ڪيائين.
هر آڀلاشا جي احساس سنڌس سواگت ڪيو
۽ ان ڪان پوءِ
جڏهن مهاسماڌي ورتي بابا ڪرپارام
ماڻڊو ٿي ويو هو مها منڊل... وايو منڊل
شرڌالو هئا شانت، پر....
شرڌا ڳوڙها ڳاڙيا ٿي.
هوا شانت هئي،

لهرائي ٿو هوا جي لهرن کي
سماڌين جي سامهون کڙو ڪيل "ڌوڄ ديوتا"،
۽ سماڌين جي پٺيان آهي ڏوٽي صاحب،
ڀاڳن واري آهي اها ڀيوتي
ڀاڳن واري آهي اها ڀومي
جت سماڌين جو ٿيو استاپن.
ڀاڳن وارو آهي ڀيلواڙو
ڀاڳن وارو آهي اهو ديش
ڀاڳن وارا آهن اهي مڙش
جن جي من مندر ۾، اڄ ٻه هو وسي ٿو.

- ڪمل پياسي

اوچ ڪوٽيءَ ۾ ويٺو آداسين، ڪرم يوڳي
روحاني رهبر.
ڀڳتن کي آٿت ڏنائين
نرڌنن جو ٿي پيو ڌن پتي
سنتان ڏنائين انهن کي
جي سڪندا هئا اولاد لاءِ.
هر ڪنهن سان هو هنڪي پيار
ذات پات جو ڀيد نه هو ڪيس،
اَڄ به ڇاٽي ٿو هيءُ سنسار
ان پرم - آتما کي
ان مهنت مهاتما کي
مڃي ٿو هن جي شڪتيءَ کي
سر جهڪي وڃي ٿو آدر سان، شرڌا سان، نياز سان:
جن جي فقط يادگيريءَ سان
هٽي وڃي ٿو من مان گمان
اَڄ به براجمان آهي
سنت آهو سچارو
لڪائي وينو آهي لوڪن کان، پاڻ کي
اُهو مهابلي - اُهو مهابلي
اَڄ هيءُ هري مندر
ڏئي ٿو سنديش، سندس ڪرپا جو، مهر جو.
نئون جوش - نئون امنگ ڪٽي

هري سمرٿي

گيت

١-

● سمرٿي

جنهن لاءِ مون هيءَ جيوت ساري،
ويهي ويهي واٽ نهاري،
تنهنجي ياد سدا سنڪاري.

(١)

صوفين واري هن جي سرتي،
سنياسين جيئَن سادي ورتي،
دادا ديَن ديال سوامي،
ساڌ ساڌ ۾ سنڌس سمرٿي،
شڪتي شالي شاهه قلندر!
رتي سڌيءَ جو مالڪ دلبر!
ٻاجهه گهران ٻڌجي سنساري.

(٢)

پاو نيل کي لهرون نرمل،
جنهن تي تاري ڪشتي ڪومل،
پو ساگر مان ڪيندو ٻاهر،
تمدا منهنجي - هنجي توڪل،
سڀ جي منزل - هنجي مايا،

— هري سمرٿي —

[بيت، دوهــا ۽ ڏنـــي]

ٽارن ۾ ٿنهنجي مانداڻ،
هير بسنت جي ناچ نچي،
وري وري "هري" نام جپي،
هر رت تو لاءِ رونق واري.

(٦)

ڪيئن سڪ ۾ ساريان مان،
گهڙيون اڪيليون گهاريان مان،
ايندين منهنجون آنسون اگهندي،
راتيون ڏينهن نهاريان مان،
چت ۾ چورا، من مايوسي،
ياد جون پلڪون اڄ ٻي پياسي،
دور ڪندين - دل جي لاچاري.

ڀاڳي ڪوڙي ڪوڙي ڪايا،
هڪل سندس هئي حشمت واري.

(٣)

قهر تي مهر وسائڻ وارا،
ڏک کي سک ۾ لاهڻ وارا،
تنهنجي ڏاهپ ڪير ڏو جاڻي،
ڪک مان لک بڻائڻ وارا،
تنهنجي ياد ڪلي ڪيڪاري،
درشن ڏيندي هڪڙي ڏهاڙي،
مان مڪتو - پر تون پنداري.

(٤)

تنهنجي مک تي گهري واڻي،
عجب عجائب تنهنجي ٻاڻي،
اَڄ ٻ ذهن تي تازي آهي،
گيتن جي تنهنجي پٽ - راڻي،
روح کي راحت سان رجهايو،
آتم ڏن جو مينگهه وسايو،
تي گرڌاري - موهن مراري.

(٥)

شهر، نگر، ٻن ۾ واڪاڻ،
ٻن، گل، ٽارين ۾ سرهاڻ،
ڳگن منڊل ۾ تنهنجا گيت،

ڪٽ ڪٽ ٻ هيءَ وائي،
هري رام سک - دائي.

(٥)

شش، شيوڪ ۽ شيواڌاري-دَر تنهنجي جا ٺٽيا ٻڪاري،
ٻڌائين ٿا، واجهائين ٿا، مگنتا ماٺهو هي سنساري،
تن جي پياس ٻجهائي،
هري رام سک - دائي.

٢-

● ساڪ

(١)

باغن جي سرهاڻ هري، ٿولن جي لالاڻ هري،
هر موسم تي هنجو ڏيرو، ٻن ٻن ۾ ساواڻ هري،
وڏي سنڌس وڏيائي،
هري نام سڪ ـ دائي.

(٢)

طوطو هن جي لاءِ ٿدواري-مور مست ٿي پنک پساري،
ڪانءُ، ڪبوتر، مئنا، بلبل-هر پنڇي ٿو هنکي ساري،
قابل سنڌس ڪمائي،
هري نام سڪ ـ دائي.

(٣)

پل پل توکي پسون پڪارين - گايون گاٿا ٿا ٻاڪارين،
منش سنڌءِ مهما ۾ پورا - يادين جا ڪرٿال وڄائين،
اسٿت آتن اهائي،
هري نام سڪ ـ دائي.

(٤)

ڪيت ڪوهه ۽ جوڙيل جايون - وڻ ٽڻ ٿنهنجون مدايون،
ٿولءِ ونڪل هير بستي-هيج هٽن مدمست فضائون،

(٥)

ٻاهن جي سرهي سرهاڻ،
چنڊ جي هوُ روپي چانڊاڻ،
هر هنڌ هنجي لء گلڪاري،
هري مراري - هري مراري.

(٦)

هر هڪ ڍڳ ۾ شل ٻاڏايان،
ڪنهن تہ سمي آخر ۾ پايان،
گهوريان هن تان جندڙي ساري،
هري مراري - هري مراري.

٣ـ هري مراري

(١)

هري رام جي مورت وانگر،
هري شيام مورت وانگر،
هري هو گووردن گرڌاري،
هري مراري - هري مراري.

(٢)

هري پون پت هنومان هو،
هري لڪس سيتا مهان هو،
بندرابن جو برج بهاري،
هري مراري - هري مراري.

(٣)

جڳ لء هؤ هو جيون داتا،
هن هن لء هو پالڪ وڌاتا،
جنهن جي مهر سدا هئي نياري،
هري مراري - هري مراري.

(٤)

گگن منڊل ۾ ٽمڪن تارا،
هي به هريءَ جا سڪا سونهارا،
انڊلٺ هن جي سوڀيا واري،
هري مراري - هري مراري.

غزل

١-

● وشواس

مورت اٿي شل سالڪ هردم -
مونکي ٻيو ڪجھہ ڇا گهرجي؟
هري هجي شل مونسان همدم -
مونکي ٻيو ڪجھہ ڇا گهرجي؟

١- هردي منجھہ هندورو ناهيم-
خيال جي خوشبوءِ لڳايم،
ايندي تيندي معطر موسم-
مونکي ٻيو ڪجھہ ڇا گهرجي؟
٢- ايندين، پاون تيندي ڌرتي -
ايندين مون ۾ اهندي سرتي،
ايندين در تي پڇندو آدرم-
مونکي ٻيو ڪجھہ ڇا گهرجي؟
٣- ستگرو منهنجو انترڀامي -
صاحب منهنجي سر جو سوامي،
تيندو منهنجي هردي حاڪم-
مونکي ٻيو ڪجھہ ڇا گهرجي؟
٤- ڪير چوي تو مون وٽ ناهي -
منهنجيءَ دل ۾ هردم آهي،

٤-

هري رس پيا…

پيئو پيئو هري رس پيالا،
جيئو جيئو بڻي متوالا.

(١) هنجي هستي سنگ عجب آ،
رام سان ريجهيل رنگ عجب آ،
هر هنڌ هن جا ئي رنگ نرالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٢) هنجي ڌرتي - هنجو ساگر،
سڀ ۾ سهڻو سانئيل گوهر،
پيار ڪري هو، آهي آعليٰ،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٣) اُڀ ۾ هن چنڊڙايا تارا،
وشو پشپ هن لاءِ پيارا،
پاو ڌريون ٿا پولا پالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

(٤) منڙي صورت - سهڻي سيرت،
هن کي پيار ڪرڻ جي عادت،
تڙڦن خيال بڻي، بي خيالا،
پيئو پيئو هري رس پيالا.

٢-

اُپاسنا

اوريان اوريان سائين منهنجا - مالها سور يا شيام،
تون گرڌاري، پاڻ مراري - تون منهنجو گهنشيام.

١- دل جي اوناهيءَ ۾ دلبر! هڪڙي آهه اڪير،
ٻن جون راهون رلندو آيس - ڳولهڻ هڪ گلفام.

٢- تنهنجي نور نگاهن ۾ ٿل - هجي سدا آسيس،
ناچو ٻڻجي تنهنجي ڪاڻ - نچان صبوح ۽ شام.

٣- سڪ جي سوڪيم ڦولن سان مون - تول ۽ سيج سجائي،
نرم وهاڻو نورت جو - چت جي چادر تي آرام.

٤- واءُ هجي، وسڪارو بيشڪ - گرمي، سردي، سيارو،
در جو داس ٻڻي ٻاڏايان - خادم آءٌ مدام.

٥- **هريرام** اوتار گرو تون - تو ٻن منهنجو ڪير؟
چائنف جو مان چاڪر ٻڻجي - ور ور ڪيان سلام.

٦- جت جت ستگر پيرا پاتا - خاڪ ٻڻي ڪستوري،
مهڪن واتون، سدا اَمر ٿئي - وايوءَ ۾ وشرام.

٧- ويدن جي ڪيئن واٽي سمجهان - گيتا ڳوڙهو گيان،
مان ته **”هري“** هڪ لفظ اُچاري - تنهنجو ٿيان غلام.

٨- پار برهم پرميشور سائين! پل پل آنءُ **پياسي**،
ٿل نه ڪڏهن هن مکه مان وسري - سالڪ جو **سنام**،

٩- منهنجا گيت، غزل ۽ وايون - تنهنجي لءِ ٿل جرڪن،
لفظن ۾ آ تنهنجي ليلا - ڪيئن ٿين بدنام.

قرب رهي تو اُن سان قائم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

۵- چت ۾ جوڙيم هڪ آکيڙو-
جنهن اچي تون ڏاهين ڏيرو،
ياد ۾ رهندين داتا دائم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

۶- مونکي آهي تار اندر ۾-
صورت تنهنجي آهي نظر ۾،
ايندين، ايندي پياري پونم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

۷- پلڪ پلڪ جي پياس لڳائي-
گهڙيءَ گهڙيءَ ارداس اهائي،
ياد ڪندين داتا تون دم دم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

۸- ستگرو موهنسان نئي سهائي-
مان ڀيوس تون منهنجو واهي،
اگر اگهائڻ پياسي خادم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

۹- منهنجي من مندر جا داتا-
توسان منهنجا پختا ناتا،
اوچو تنهنجو آهي مهاتم-
مونکي ڀيو ڪجهه ڇا گهر جي؟

٥- جي تن هيٺو ۽ تن هيٺو،
ته من بيٺو ڏيڻ چاهيان،
ڌريان ٿو پيت شبدن جي،
قبولي راهه ٻر آهي.
٦- سکان ڪيڏو ۽ ساريان ٿو،
سٽي سائين مهر وارو،
پٿر آهي، پٿر رهندو،
نه جيسين ڪيس تاريندو،
صدق آهي ۽ پڪ آهي،
جو داتا دان ور آهي.

٣-

● دعا جو اثر

گروءَ جا گيت ڳائڻ ۾، دعا جو ڪو اثر آهي،
سڀاجهو سو سکي سائين، جهليو جنهنجو مون در آهي.

١- نه منهنجي آهه ڪا تڙپي،
۽ نه منهنجو آسمان آهي،
مگر هنجي ڇپر ۽ ڇانءِ،
مون لاءِ سرڳ گهر آهي.
٢- نه پنهنجو پاڻ ڪجهه آهيان،
نه منهنجي آهي هستي ڪا،
انهيءَ ڪامل جي ڪرپا ان،
سچو مانڊاڻ جڙ آهي،
٣- ڪيو مون ياد آ جنهنڪي،
نه پڪ هو ڇو وساريندو،
اسين هت ناسونت آهيون،
مگر بابل اَمر آهي.
۴- نه وسري ٿو، وساريان ڇو،
سدائين ياد هو آهي،
وساڻي بوند رحمت جي،
جي ان آهي، بحر آهي.

وايون

١-

آڌوري پياس

١- جاڳ پري پل پيار سڀاجهل، ٿيندي آس نہ موري،
منهنجي پياس اڌوري.
٢- تون ئي سچ جي مورت آهين، باقي دنيا ڪوڙي،
منهنجي پياس اڌوري.
٣- هرتا ڪرتا - دانا بينا، تون سمجهين مجبوري،
منهنجي پياس اڌوري.
٤- تنهنجي نور نگاهن ۾ آ، پريت سمايل پوري،
منهنجي پياس اڌوري.
٥- گيتن جي هيءَ مالها ناهي، پيت ڌريان سموري،
منهنجي پياس اڌوري.
٦- تنهنجيءَ ذات جو طالب آهيان، منهنجي چاه ضروري،
منهنجي پياس اڌوري،
٧- هري چوڻ سان هاڻ ٺري ٿو، هردي رهين حضوري.
منهنجي پياس اڌوري.
٨- تارن ۾ تون تجلو آهين، ڦولن جي ڪستوري،
منهنجي پياس اڌوري.
٩- سورج جي سونن ڪرڻن ۾، تو لاءِ مالها جوڙي،
منهنجي پياس اڌوري.
١٠- دوشن پياسي دم دم ساريان، ڏاڍ تنهنجي دوري،
منهنجي پياس اڌوري.

٥-

آس

راتيون روز نهاريان ويٺي،
آس اندر ۾ ڏاريان واٽي.

١- ٿئون صبوح ٿئين آشا آئي،
ان لاءِ روز نهاريان ويٺي.

٢- سورج ڏيندو ٿئون سنديش،
هر پل ڪيس پڪاريان واٽي.

٣- پکي پکيڙا ڀر ڦهلائي،
ايندا ڪين وساريان ويٺي.

٤- ڪانگل ٻولي ڪان ڪان هن لاءِ،
تنهن سان من وندرايان ويٺي.

٥- گايون، مينهون راهه نهارين،
تن تي هٿ ڦيرايان ويٺي.

٦- ڪٺي ڪبوتر ويندو هن ڏي،
خبر اها سيکاريان ويٺي.

٧- ساجن جي لاءِ سيج پلنگ تي،
عطر عنبر ڇنڪاريان ويٺي.

٨- هر هر هري-هري تي ٻوليان،
پنهنجو مکڙ وندرايان ويٺي.

٩- دل ۾ سانڍيل سور صدين جا،
ڳايان ۽ گونجاريان ويٺي.

١٠- گردش لاءِ پياسي دم دم،
جوڳڻ جيان، گذاريان ويٺي.

روپ انوپ

(١)

تنهنجيءَ ياد جو سور،
مرهم سان مٽجي نہ ٿو،
نينهن ڏنم ناسور.

(٢)

خواب نہ، تنهنجو جيون،
جيوت هڪ حقيقت،
سچ لاءِ جيوت ارپڻ.

(٣)

تارن ۾ تصوير،
اڀ ۾ آ اوجل اها،
طالب لاءِ تعبير.

(٤)

ماضيءَ ۾ هڪ ڀير،
حال ۾ آئي ڏوڪي،
جاڳي ڀيڻي اکير.

(٥)

ڪڏن پيا احساس،
سوري سوري سرتيون،
وات ڏسي ارداس.

(٦)

موٽين گهوٽ پرڻائي،
پريت ڪئي اهڙا ٻُور،
چاهہ ڪئي آس اِهائي.

(٧)

رات ڪئي تنهنجي سار،
ڏينهن ڏکيو ٿي گهاري،
وقت جي وِڇي ڄار،

(٨)

پريت نہ ٿئي پراڻي،
هردم هريءَ جو نانءُ،
وائي اها آگهائي.

۲-

● جاڳي ڪانيم رات

۱- ڏينهن ته ڏسندي ڏسندي گذريو، مٿان پيئي پرڀات،
جاڳي ڪانيم رات.
۲- ڪيڏا ديپ جلايم، ايندين صاحب تون ساڪيات،
جاڳي ڪانيم رات.
۳- ور ور وات نهاريم ٿي، جيئن پيت ٿريان جذبات،
جاڳي ڪانيم رات.
۴- ارپيان ارمانن جي مالها، چاهت جي سوغات،
جاڳي ڪانيم رات.
۵- آءُ! ته اوريان الجهن پنهنجي، پٽڪان ڪن پرڀات،
جاڳي ڪانيم رات.
۶- ٿن ٿنڀورو- من جي ويڻا، لنؤ لنؤ ٻولي لات،
جاڳي ڪانيم رات.
۷- ٻرهه جو ٻادل ڇم ڇم ڇٽڪي، ٻرسائي ٻرسات،
جاڳي ڪانيم رات.
۸- گيتن جي پٽ راڳڻين ڪاٿر، شبد ٿيا ٻارات،
جاڳي ڪانيم رات.
۹- سونهري سورج جي ڪرڻن کي پڻ لهنجي تات،
جاڳي ڪانيم رات.

٥- باغن ۾ ساواڻ،
تنهنجي من ۾ تاڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

٦- باغن ۾ بارا،
سندر تا وارا،
تنهنجي ياد ستائي.

٧- باغن ۾ درخت،
چائون هارين پت،
تنهنجي ياد ستائي.

٨- باغن ۾ هيرون،
انڌا ۽ سيرون،
تنهنجي ياد ستائي.

٩- باغن ۾ مانداڻ،
ڏينهن ڏني چانداڻ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٠- باغن ۾ گل ڦل،
تنهنجا ڪڙيا اصول،
تنهنجي ياد ستائي.

١١- باغن ۾ رابيل،
توسان دل جا ميل،
تنهنجي ياد ستائي.

(٩)

ٻن ٻن جو ٻار لاءِ،
تنهنجو ڏئي سنديش،
تون ئي پرم پتا ۽ ماءِ.

(١٠)

تنهنجو روپ انوپ،
تنهنجو نور نزاڪت،
پياسيءَ لاءِ سروپ.

مورو

● ياد

١- باغن ۾ سرهاڻ،
تنهنجي آ واکاڻ،
تنهنجي ياد سنائي.

٢- باغن سرهو واءُ،
تو لاءِ ٿڙقي ساهه،
تنهنجي ياد سنائي.

٣- باغن منجهه بهاري،
تون ئي گرور تاري،
تنهنجي ياد سنائي.

٤- باغن ٻوٽن ٻير،
تنهنجي آڻ اکير،
تنهنجي ياد سنائي.

١٩- باغن ۾ هرهنڌ،
مشڪي پيٽي سڳنڌ،
تنهنجي ياد ستائي.

٢٠- باغن ۾ سهڪار،
ٻوڙ جهلين ٿا جهاڙ،
تنهنجي ياد ستائي.

٢١- باغن جي عادت،
ڏئي سدا راحت،
تنهنجي ياد ستائي.

٢٢- باغن جو آ نيم،
پياسيءَ جي لاءِ پريم،
تنهنجي ياد ستائي.

٢٣- باغن گڏجي ٻيلهه،
سنئين ڪيائون ڇيلهه،
تنهنجي ياد ستائي.

٢٤- باغن ۾ آکيڙو،
هريءَ ٽڪايو ڏيرو،
تنهنجي ياد ستائي.

☸

١٢- باغن ۾ بلبل،
تنهنجي ياد آچل،
تنهنجي ياد ستائي.

١٣- باغن ۾ جي مور،
ڪڪيون هڻن سي ڪوڙ،
تنهنجي ياد ستائي.

١٤- باغن ۾ طوطو،
تنهنجو ڏئي هوڪو،
تنهنجي ياد ستائي.

١٥- باغن ڳاڙها ٻير،
تنهنجا چاهين پير،
تنهنجي ياد ستائي

١٦- باغن ۾ زيتون،
سي ئي افلاطون،
تنهنجي ياد ستائي

١٧- باغن ۾ ڪي انب،
پلڪ پلڪ ۾ رنب،
تنهنجي ياد ستائي

١٨- باغن ۾ ٻرسات،
بوندون ئين سوغات،
تنهنجي ياد ستائي

بيت

١-

● شان پريو سلطان

(١)

گھوري ڇڏيم گھوٽ تان، پنھنجو سارو ساھہ،
ٻنوڻين لئي آلس ڪري، سڀئي ڏيو ويساھہ،
صدقي ڪيان پساھہ، اھڙي عالي شاھہ تان.

(٢)

منڊ منڊ جي واءُ ڪي، پنھنجي پنھنجي بوءِ،
ٻرين جي ھر ٻور ۾، ساڳي آ خوشبوءِ،
سانجھي ڇاھہ صبوح، ٻون ٻور ٻرين جا.

(٣)

ساڄي ھٿ ۾ پاڳ جي، اڪيو ويٺي لڪير،
مونکي آ وشواس، ڪ جوڙيندو تقدير،
حق ۾ آءٌ حقير، ھو شان پريو سلطان آ.

(٤)

سڄڻ ڪي سارين ٿا، واءُ، ھير، طوفان،
ڇوليون ڇيڙن ڇيڄ سان، ھن لاءِ منڙي تان،
ھن جا لک احسان، ڪير وساري ڪين ٿو.

(٥)

آڳنڌ جي ھڪ ڪنڊ ۾، وڻ ٿي ڪي بادام،

● هيڻن جو همراهه

نگاهن ۾ نعمت ديا جي نظر ڪر،
تون داتار سائين، سڀني تي مهر ڪر.

١- مان عابد، تون اعليٰ، مان خادم، تون مالڪ
دکن ۾ دکيءَ جو، سڻائو سمر ڪر.

٢- سجدو سدائين ڪيائين تنهنجي در تي،
خدا خاڪ چاهيان، اميدون اجر ڪر.

٣- چاهت نه ڪائي، نه چنتا اهائي،
ڪهڙي جا دعا، سا دعا پر اثر ڪر.

٤- انڌارو انڌارو، مان ڊرپوڪ آهيان،
انهيءَ رات ڪاريءَ کي جلدي صحر ڪر.

٥- سڄڻ ۾ توکي سدائين تو ڳولهيان،
وڇايم ته کوهيل سمر تيون امر ڪر.

٦- دنيا ۾ اَڻ نگا، سوين پيچرا پر،
منزل کي پايان، تون سولو سفر ڪر.

٧- هيڻن جو همراهه، ٿيندين **هري** تون،
مدايون مٽا، رب ڏاڍي! درگذر ڪر.

(٢)

سائين سرجڻهار، منهنجا رب ڌڻي!
مون لاءِ سون برابر آهي، تن جي چرڻ پٽي!
لالهان لت لڳن کي، توڙي هڪ جڻي،
هن لاءِ حب گهڻي، منهنجيءَ دل دماغ ۾.

(٣)

سائين سرجڻهار، جيڪو مانجهي من جو ميت،
ساهه ساهه ۾ دائم آهي، سائين سو سرجيت،
مهر ڪري پيو مالڪ حقيقي، جو آ خود جگ جيت،
منهنجو ساهه سنگيت، دم دم ساري شيام کي.

(٤)

سائين سرجڻهار، اڳيان مان سيس جهڪايان چون،
جنهن کي هردم ٿي رهي، منهنجي ايڏي اون،
اُتم اُنجو آسرو، ٻيو ڪو ٻيلهي ڪونه.
هار هنئين جا سون، گهوريان جو سڀ ٿورڙو.

(٥)

سائين سرجڻهار، آهي هو اوچو انسان،
مالڪ ٿيو مهروان، پر مان بالڪ هڪ نادان،
صدق اُتم، وشواس ٿم هو ٻيگتن ۾ ٻيگوان،
پل پل ڌريان ڌيان، آهي منهنجي من ۾.

ساون مان ڳاڙها ٿين، قدرت ڏني انعام،
سڄڻ اهڙا شيام، تون ٿي خالق خلق ۾.

(٦)

اکڙيون نير وهائي، رستا ڇٽڪارين،
ايندو جنهن جنهن راهه تان، سي راهون صاف ٿين،
پنبڻيون ٻهارا ڏين، ٻرين لاءِ اوسر ڪندي.

(٧)

سائين تنهنجي سار ۾، ڪيڏا گذريا ڏينهن،
آءٌ اڪيلائيءَ وچان، ياد ڪيان سي نينهن،
بادل آئين مينهن، وس آنءُ وهنجي وتان.

(٨)

اونهاري جي منڌ ۾، در تي لنڊو ڪانگ،
ڪان-ڪان هن جي تو ٻڌي، امنگ ڏني اُڇانگ،
پياسي ٻڌان سانگ، رنگي وستر عشق ۾.

٢-

● سائين سرجڻهار

(١)

سائين سرجڻهار، دکي هري روپ اوتار،
هلندو واڳ، وٺي هو منهنجي، سائين سنت ڪرتار،
اربيم جيڪي مون وٽ آهي، شهدن جو ڀنڊار،
مانجهي ۽ ملهار، ٻڌي هو تاريندا هن پار.

دوها

١-

● شرڌا

(١)

شل هري همراهه ٿيندين، تون ڏکين ڏک نگهال،
ڪيئن ڀلا ڪنهن ڏانهن نهاريان، تون ئي داتا ۽ دیال.

(٢)

دل جو دروازو ڇڏيم کولي، اچي آسڻ ڪرين،
مان سڪان سڪندو رهان، شل اچين جلدي اچين.

(٣)

تون وياپڪ من اندر، ۽ تون ئي هردي جو ڏيئو،
تون سهائڪ، تون سڀاجهل، لال پائيج هڪ ليئو.

(٤)

سڀ سوارٿ جا سنگي، هڪ بي سوارٿ تون هري،
جيئن وٺيئي سار لهجانءِ، اوت ۾ آهس لڙي.

(٥)

مان نبل آهيان نماڻو، تون سڀاجهل ٻاجهه ڪر،
موهه ماهما کان بچائج، منهنجا مالڪ راهبر.

(٦)

ڪوڙ جي ڪٽ ڪوڙڪي ۾، مان جڏهن ڦاسي پوان،
تون بچائج، ڪشٽ لاهج، تنهنجي چرڻن کي چمان.

(٦)

سائين سرجڻهار، آهي هردي جو سينگار،
تنهنجي در تي هيءَ ٻندو، ڏتڙيل ۽ بيمار،
ساعت ساعت شل ملي، ٻيو تنهنجو هڪ آڌار،
مونکي پار اُتار سائين، مهر ڪجان هر مهل تون،

(٧)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن تي منهنجو ننگ،
جاڳان توڙي ننڊ ۾، جوڙيل هن سان سنگ،
اڄ غني آنند ملي، ٻڌي سندس ستسنگ،
چت تي چاڙهيم رنگ، هنجي هر سهڪار جو.

(٨)

سائين سرجڻهار، آهي ڏيندو پنهنجي ذات،
ڏيندي هو ڏکجي نٿو، پڇي نه ذات ۽ پات،
سهج ڏئي ٿو هر سمي، ڏينهن هجي پرڀات،
اڄ غني سوغات، ڳجهي ٿو ڏئي سدائين دان ۾.

(٩)

سائين سرجڻهار، آهي جنهن لاءِ أنتم پياس،
هنجي نام اُچار بنا ٻي سڀ آ بڪواس،
منهن نه موڙي ٿي مونکان، هن لاءِ ڏکندڙ آس،
منهنجا سڀ احساس شل هنجي حاجت ۾ هجن.

-٢

● وندنا

(١)

عرض ڪريان ٿو تنهنجي در تي، صاحب منهنجا سائين!
مان شيوڪ تون سوامي منهنجو، مون سان شل نڀاهين.

(٢)

تون ئي اننت اپار ديالو، ٻار ننڍو تنهنجو پاڻ،
هر ڏس ۾ هر راهه ۾ سائين! شيوا رنگ لڳايم.

(٣)

مهر ڪجانءِ تون منهنجا مالڪ، مون کي ڏس ڏيکارج،
تون سمرٿ، تون سنمک سائين، تنهنجو تيج لڳائج.

(٤)

مان قولن ۾ ڪچڙو آهيان، تون شاهن جو شاهه گرو،
تون جڳديش مان جوڳ ھٽڻجي، تڪيان پيو ٿو راهه گرو،

(٥)

هرهنڌ سائين سرجڻهاري، هتي هتي وسرام ڪري،
پنج رکي ٿو، پالڪ آهي، شرڌا کو نشڪام ڪري.

(٧)

تون پتا جو چانورو ۽ تون ئي جيجل جو اُجهو،
هنج ۾ تو گنج ٿاهين، گنج ۾ سڀ ڪجهه جهجهو.

(٨)

تون سمت ويساهه ڏي، تون نام چت ۽ ڌيان ڏي،
تنهنجو شيوڪ ٿي رهان، آهڙو ڏاڍي تون دان ڏي.

(٩)

پاڳ پرين جا ڪليا، ڀڳوان جت ساڪيات هو،
جنهن ڏنو، ڏيندو رهيو، هر ڏينهن جو، هر رات جو.

(١٠)

مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان شل نياز مان،
شل، سچ جي سار ۾، همدم رهان همراز مان.

(١١)

مان ته بالڪ جي طرح، هٿ هٿ پيو ڀنگڙا پريان،
تو سواءِ ڪنهن کي چوان، هن درد لاءِ ڪنهن وٽ وڃان.

(١٢)

مٺو وارو نام تنهنجو، دل اندر دائم رهي،
پريت جو پينار پياسي، پياس شل قائم رهي.

ڌني

— هري رام —

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

اهو جو پورب جي جوتي،
اهو جو ساگر جو موتي،
اهو جو گنگا جل هو،
نبل لاءِ آتم ال هو،
جنهن کي جان ڏنائين،
دکين جا دک مٽائين،
کري دلين اندر وسرام۔

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

منهنجو محبوب دلارو،
نزاڪت ۾ هو نيارو،
روح ۽ رب کي پاتي،
ويو هڪ واٽ ٻڌائي،
جڳت ۾ جيئڻ وارا،
سڀ هن جا ئي نظارا،
مک تي نام مدام،

هري رام - هري رام - هري رام - هري رام
سهڻو شيام ۽ گهنشيام - هري رام - هري رام

(٦)

هري نام جو جاپ جپيندس، تن، ٻڌي، من شيتل ٿئي،
ڀؤ ساگر کي پار ڪرڻ لاءِ، پاڻ اچي تو ساحل ٿئي.

(٧)

متراً ڪاشي، بندرابن ۾، جهاتي پاتم، توکي جاتم،
هرهڪ ڪنڊ، تيرٿ مٺ ۾، صورت تنهنجي پاڻ سڃاتم.

(٨)

هر هر ٿي مونکي چيڙائي، منهنجي مجبوري لاچاري،
مهر ڪجي، ڪرپا جا قادر، ٻاجهه ڪجي، گر گرڌاري.

(٩)

آءُ اُداسي، ٻڏي پياسي، موج ۾ مون ڳڻ ڳاتا،
مورت ۾ آ صورت شاهد، پختا هن سان رهندا ناتا.

— شيوا سمرتي —

ا-

● هري پريم، هري شيوا

(١)

داسن جو ٿي داس رهيو،
گيان، ڌيان ۽ شيوا،
هن جي برڪت، هن جي دهشت،
هن جي اصليت ڇا؟ ڇا؟

(٢)

باغن جي سرهاڻ ٻڌيو،
۽ هر موسم ۾ مور،
ماڻن ۾ هو ماڻ ٻڌيو،
ٿي هري ڀڳت چت چور.

(٣)

آتم گياني - انتر يامي،
پريم جي گنگا ڌارا،
سدا سکاني - سرو سوامي،
هاڪ پريا - هاڪارا.

هري + شيوا = رام

گلابي گل جي سڳنڌ هڪ ۾، ٻيو موتئي گل جي سرهاڻ،
هڪ ۾ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ، ٻيو ته چڻ آ موتين کاڻ.

هڪڙو ٻاڻ ڏئي داتار، ٻيو آ سڀ جو سرجڻهار،
هڪ غمن جو هٿيار، ٻيو چڻ آ ماڻڻ جو ماڻ.

هڪ ۾ پريو پسيو پئي، ٻيو ٻـ، ٻيو ٿو باجهه ڏئي،
هڪ، جنهن ٻاڻ سڃاتو هو، ٻيو چوي: "تون ٻاڻ سڃاڻ".

هڪ هو مات پتا ۽ داتا، ٻيو ٻه ڏين ڏيال پراتا،
هڪ ۾ حشمت هاڪاري، ٻيو ٻـ جاٺي ڪين اجاڻ.

هڪ جو ساد ورتڻ ٻهرڻ، ٻئي جو سادو جيون ماٺڻ،
هڪ هو رام اوتار هري، ٻيو چڻ شيوا جو پرماڻ.

رحمت هڪ جي هٿئي ڪرامت، ٻئي جي ٻخشڻ واري عادت،
ديا جو داتا ٻهريون سالڪ، ٻئي ۾ ٻهرين جو اهڃاڻ.

هڪ جي همت واري ورتي، ٻئي جي قادر جهڙي ڪرتي،
هڪ هو موهن ٻاڻ مراري، ٻيو تيو راڌا هنجي ڪاڻ.

هڪ هو اپ جو وهائو تارو، ٻيو پئي آ پريوءَ جو پيارو،
ڪيڏي تن کي تسلا تئي ٿي، باجهه ڪري ٻاجهارو ٻاڻ.

ٻلڪ ٻلڪ ۾ پياس اُهائي، گهڙي گهڙيءَ اُداس اُهائي،
جڳ ۾ هوندا داتا دائم، هيءَ سندن عضيي ماندڻ.

٢-

● آپار مهما

تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(١)

جو تو بہ ڪجھ سڃاتو،
ان ۾ "هريءَ" کي پاتو،
موتي مليا ٿي مڪ مان،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٢)

تنهنجا وچن - خزانو،
توڙانهن جهڪيو زمانو،
تون ۾ هئي نہ "مان- مان"،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا

(٣)

تون سادگيءَ جي مورت،
سرهي رکئي ٿي صورت،
سڪ سار واري سيما،
تنهنجي اَپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(۴)

مهر ڪيائين - سڀ بخشيائين،
سڀ جو پالڻهار -
پنهنجو جيون جڳ گهوريائين،
جڳ جو ڪري اڌار.

(۵)

هر ڪنهن لاءِ مالڪ ٻالڪ،
هر ٻالڪ جي ماءُ،
رڌي سڌيءَ جو جڳ سنڀالڪ،
سڀ جو لهي سماءُ.

(۶)

منهنجي لاءِ هو شاهه پرين،
پل پل جو ويساهه پرين،
اکين اڳيان تصوير اچي ٿي،
لهندو هو - ساڃاهه پرين.

(۷)

اداس منهنجون نظرون پياسي،
اداس منهنجا گيت ٻڌي پيا،
پرين ٻڌو پرديس جو واسي،
پنڪيل آهيان ڪٽ ڪٽ گولهيان.

ٻرين جي دربار ٻيڪي، خوب راجستان ۾،
ڀيلواڙو ٿيو ڀلارو - سائين شيوارام جن.

ڪي وڃن ڪاشيءَ، ٻريءَ گرنار ۽ راميشور،
گھر گروءَ جو تيرٿ سارو - سائين شيوارام جن.

ڪنن ۾ ڦادر ڏنو، امرت ڀريو آواز ڪو،
جڻ ته ماڪيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن.

هر دکي دلگير جي سڌ ٿي وڃي، هيءُ سرومڻي،
ٻيڙن جو ٿئي سهارو، سائين شيوارام جن.

ڇا ته جڳتي، ڇا ته ڀڳتي، ڇا ته شڪتي هئي سندن،
دل گھڻو دلبر دلارو - سائين شيوارام جن.

منش جي جيون ستارڻ لاءِ هن شيوا ڪئي،
گيان جو ڳوڙهو اشارو - سائين شيوارام جن.

سنت سادن، مهنت يوگين جيان رهيا ويراڳ ۾،
هو سدائين ڌيرج وارو - سائين شيوارام جن.

ديش ڀارت جي اندر، ٻيا ديش ڀارت کان ٻري،
جت ڪئي وهنوار سارو - سائين شيوارام جن.

(٤)

گفتن ۾ گيان ڏاڍا،
فلسوف وچن پيارا،
هردي اندر هندايان،
تنهنجي اپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

(٥)

تنهنجي سماج شيوا،
هر ڪي ڏئي دعا سا،
تنهنجي ٻڌي مان چاهيان،
تنهنجي اپار مهما، مان ڇا چئي، چوان ڇا!

٣-

سائين شيوارام صاحب

ڀاڳ ڀڄڻ جو ڀنڊارو - سائين شيوارام جن،
سادگي ۾ پڻ سونهارو - سائين شيوارام جن.

جنهن چيو، سڌ ۾ سدائين، آءُ گڏ، آهيان سدا،
سو هئو اوتار پيارو - سائين شيوارام جن.

ڀاڳ ڀريو ڪي سڃاتو، ۽ سڃاڻي خوب جاتو،
دل گهريو داتار نيارو - سائين شيوارام جن.

٥-

• ٻابا شيوارام سائين

(١)

من جي مونجهه مٽائڻ وارا،
چست چنچل ٻهلائڻ وارا،
غم ۽ ڏکڙا لاهڻ وارا،
سچ جو نام جپائڻ وارا،
ٻڌجي پاڻ پيو نشڪام، ٻابل سائين شيوارام.

(٢)

ويو پراڻ سڀ من ۾ اوتي،
گيتا گيان اندر ۾ گهوٽي،
گرٻاڻيءَ کي ڪين مروڙي،
جاپ جپائي جاچي جوٽي،
هر پل تي هنجو وسرام، ٻابل سائين شيوارام.

(٣)

غيبي گياني، اونهو داتا،
يوڳ وديءَ جا راز سڃاتا،
ڌرم گيان سان وچتر ناتا،
ڳجهو رهيو هيءُ پاڻ وڌاتا،
نام "هريءَ" جو مک تي عام، ٻابل سائين شيوارام.

٤-

روشن راهہ ٻڌائي ويا

شيوا جو شُڀ پاٺ ٻڌائي، هري ۾ سان من هرڪائي ويا،
پريم اگني جي جوت جڳائي، روشن راهہ ٻڌائي ويا

(١)

جو سوچيائون سو سمجھائون، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ حاضر
جيڪو عمل ڪيائون، ان تي عمل ڪرڻ سيکاري ويا

(٢)

ست چت آنند ڀاڻ سوامي، آهہ اگر هو انترجامي
هو آ ياد سدا هر پل ۾، تن ۾ تار لڳائي ويا

(٣)

نور نگاهن واريون اکڙيون، ياد اچن سي پياريون اکڙيون
ڪين سي وسرڻ واريون اکڙيون، جن سان گهاءُ لڳائي ويا

(٤)

مهر جا مينگهہ وسائڻ وارا، ٻپ ۽ سنسا لاهڻ وارا
ڪنهن سان پيد نہ پاؤ رکيائون، ياد جي چڻنگ لڳائي ويا

(٥)

هري روپ اوتار هئي هو، آهو هت اسرار هئي هو
اڄ بہ سندس آ صورت سامهون، پاڻ ۾ پاڻ پسائي ويا

(٦)

مهاپرش هت مهر ڪري ويو، هري رنگ ۾ پاڻ رنگي ويو
سار سڄو سمجھائي صاحب! "پياسي" من ترقائي ويا

(٧)

تپسيہ رشي هو، راج رشي هو،
برهم رشي سرتاج رشي هو،
مهنت مها مهاراج رشي هو،
تپشيا تيج ۾ تاج رشي هو،
مٺڙو مٺڙو سندس ڪلام، بابل سائين شيوارام.

(٨)

هر ڪو من جي در جو پياسي،
هن جي چائنٺ جو آبلاشي،
هت ئي مٿرا، هت ئي ڪاشي،
جتي وسي خود برج نواسي،
ٻٽي پيو آ سرڳ جو ڌام، بابل سائين شيوارام.

ـ٦

● سائين سرووياپڪ

سدائين نمي پيا پريو سو سلام،
آئو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(١)

اڄان پاڻ هرهنڌ آ حاضر حضور،
سڏيو سڪ مڇهان، ڪين آهي سو دور،

(۴)

ڀولا ڀورم ڀڄائڻ آيو،
سڀ جا ڪرم ٻڏائڻ آيو،
وهم اجايا لاهڻ آيو،
من جي مونجهہ مٽائڻ آيو،
نمان صبوح ۽ شام مدام، بابل سائين شيوارام.

(۵)

جادو هر جيون ۾ آندو،
قرب ڪي هن ڪرمن ۾ آندو،
نشچو هن ڌرمن ۾ آندو،
چڻ تہ عطر ڦولن ۾ آندو،
چڻ پاريو ٿي هن انجام، بابل سائين شيوارام.

(٦)

هو رحمت، هو برڪت وارو،
هن جاتيءَ جو ڪيو اڌارو،
برهمچريہ جي قول کي پاريو،
سچي گروءَ جو سچو پيارو،
ور ور وارنا آءٌ سلام، بابل سائين شيوارام.

ڀلائي ڇڏ پائين ٿي هرڪو قصور،
مگر پاڻ نهٺو نماڻو ضرور،
لڪي لپاڪا پائي ڏئي پيار جام،
آڻو سرووپاڪ، سائين شيوارام.

(٥)

سماڌين ٿي جيڪو جهلي ٿو پلاند،
ٿئي آس پوري ۽ پوري مراد،
اُنهيءَ کي آ سائين سدا هردي ياد،
اندر جنهنجي آهي گروءَ جو بنياد،
پياسي شرڻ ۾ صبوح توڙي شام،
آڻو سرووپاڪ، سائين شيوارام.

٧-

● پاڻ ڄاڻي پاڻ کي

(١)

موهه مايا کي ٿياڳي پاڻ ٿي ممتاز ٿيو،
آتم پرمارٿ جي ڳجهه گيان ۾ پرواز ٿيو،
بي زباني جي زبان جو اڪل آواز ٿيو،
راز جي پڙدي کان ٻاهر پاڻ ٿي همراز ٿيو،

هر ڪنهن جي هردي اندر جنهن جو نور،
رکي صدق جاچيو تہ آهي ضرور،
ڪين ڀُر تون گونجي سدا جنهن جو نام،
اُٺو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(٢)

بمبئي، ٻاندرا يا هجي حيدرآباد،
پشاور، بنارس، دهلي، احمدآباد،
نيپالي چنيءَ سان ڪري پاڻ ياد،
گروءَ جي وچن جو چکائي سواد،
دعا ۽ ديا جا ڏناءُون انعام،
اُٺو سرووياپڪ، سائين شيوارام.

(٣)

پڪاري، اُنهيءَ جي ٻڌي تو پڪار،
سٺي سڌ اُنهيءَ جو آ جنهن کي تنوار،
مٺيا روڳ، روڳين ڏکين جا هزار،
ڪيائين تي پريمين جو ڪيڏو اُڌار،
ڪري ياد هرڪو ٿو هنڪي مدام،
اُٺو سرووياپڪ، سائين شيوارام،

(٤)

ڪرامت ڪري ڪان رهيو ڪوهہ دور،
مگر غيب نظرن سان ٿيو دور سور،

ڇڏڻ لاڏاڻي ڳڏڻ سان گيان جي پل ٿي ٿهي،
سڀني مڱ سنسار مان هن موهه مايا جو ڪڍيو،
مان ماڻڻ لاءِ هن ڪرمن قلعي کي هو اُڏيو.

(٥)

جي وٺو نالو ”هريءَ“ جو ڪين ڏک ايندا اڳيان،
ڪشت ويندا سڀ مٽي، پنهنجن پيارن جي مٿان،
هوئي آهي جو لڳائي لڳ پيو هر راهه ٿان،
پاپ ڪرمن کان بچائي پاڻ ٿي تو دائمان،
هن سنديشي ۾ سندس آسيس جو پرتاپ هو،
ٻات ٻگڙيل کي ٻڌائڻ جو ڳجهو ڪو جاپ هو.

(٦)

ڏيان سان جيڪو ڏيائي، سو ٿئي تو آباد ٿئي،
سک ملي، سنتوش، مهت سان سدائين شاد ٿئي،
ڏيان ۾ شيوا هجي ۽ گيان ۾ گر ياد ٿئي،
ڪنهن جگياسيءَ لاءِ جڳت ۾ چاهه جو بنياد ٿئي،
چاهه ڏاري چت اندر جو پاڻ جاڻي پاڻ کي،
۽ پاڻ ۾ تو هو پسي، ان پياس جي سرهاڻ کي.

شاهه سلطاني سچو سائي ٻٽيو همراهه هو،
جو ٻٽيو دل جو دلاور سو ٻڪو ويساهه هو،

(٢)

لوڀ لالچ کان پري انسان هيءُ سلطان ٿيو،
ڏيهه ڌاري پرم پرميشور اصل ڀڳوان ٿيو،
نور نوراني سدا، نشڪام نگهبان ٿيو،
وقت سان وک وک ملائي وقت جو اعلان ٿيو،
پنهنجي شخصيت ۾ اصل اهميت ڀرلو درويش هو،
جن سڃاتو، تن چيو، هو پاڻ ئي اَبليس هو.

(٣)

هر سمي هن پرتيوانن تي رکي نوري نظر،
آپدا، الجهن ۽ آفت وقت سائين ياد ڪر،
جنهن مٿان آ آسرو، سوئي ڪندو سڀ تي مهر،
ياد ڪر ان کي، جنهنجو آهه، همت همتئي اَثر.
هوئي هڪ آهي ٻندن جي درد جي اصلي دوا،
هوئي آهي جو سدا ڏيندو پيو آهي شفا.

(٤)

شدوائي مان سدس ٿي ڌار اَمرت جي وهي،
لوڪ آيا ٿي ٻڌڻ لاءِ ڀيلواڙي ۾ کهي،
ديوتا پرلوڪ مان پڻ پاڻ آيا ٿي لهي،

مان تنهنجي در جو داس ٻٽيس،
تون هيڻن لاءِ وڏان هئين.

(٢)

تو پڪڙيو نور نگاهن ۾،
تو جڪڙيو پيار جي ٻانهن ۾،
پڪڙي تنهنجي ڇيڇ آتم،
جيئن ٻار لڳائين دامن ۾.

(٣)

تون دنيا جي لاءِ ٻاڪاريو ٿي،
تو دعا جي نظر نهاريو ٿي،
۽ ان کان پوءِ اشاري سان،
هر هر پاڻ سنڀاريو ٿي.

(٤)

هُو لٺ وارو، تون همت وارو،
هو حشمت، تون همت وارو،
ٻنهي ۾ ڪوئي فرق ڪٿي آ،
هو گيان گرو، تون ڪمت وارو.

(٥)

تو صدق وڌايو، شاهه هئين،
تون سمت سچو شهنشاهه هئين،

٨-

● خود ئي خود خدا نڪ

خالق ڪان ۽ مالڪ ڪان، هر چاهڪ ڪان مٿا نڪتا
ڪري سنڪار هر سڄ جو، جڳت ۾ جي سچا نڪتا

١- جنهن سمجهو انهن پاتو، الاهي نور اڪڙين ۾
منش جي دلهه ۾ جڙ هو، خود ئي خود خدا نڪتا

٢- رب جي رمز ڪي جاڻي، منش جي موهه ڪي پاتو
پريت جي ريت سان سوامي، فنا ۾ پڻ بقا نڪتا

٣- جلوه‌دار جڳت ۾ جي، رهيا ٿي دور جهنجهٽ ڪان
جڏهن جيون لاءِ جيءُ گهوري، هنا سوارٿ سدا نڪ

٤- ساست ڪان پري، سنتوش ۽ سنڪار ۾ گهاريو
سپنن جي لاءِ خدا ٿيندي، نمرتا جا بندا نڪ

٥- عالم جي وجوديءَ ۾، وجودي پريم جي ماڻي
محبت ۾ سدا هر پل ۾ جڙ هو نوا نڪ

٩-

● ياد ڪريو

(١)

توهان پاڻ وڏو ودوان هئين،
توهان موهيندڙ انسان هئين،

-١٠

● اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو

١- ٻڌيو جو گيان جو ساگر،
اٿاھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٢- ٻ ٻولين مان ڇڪي آندو،
مـلاح اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٣- ڏسيو ڏس جنھن ھو ھيٺن کي،
گـواھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٤- ٻڌيو جو سنت نرموھي،
پناھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٥- گناھن تي ڍڪي پڙدو،
الاھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٦- اتڀدن جو ٻڌيو ھو داتا،
شـاھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

٧- پياسيءَ کي پرک ڏيندڙ ھو،
ويساھہ اھڙو نہ ٻيو ڪو ھو.

جڏهن منزل تـي تون پهچي وئين،
"هـري شيوا" جـو وساهه هئين.

(٦)

اَڄ پل پل توکي يـاد ڪريون،
۽ يـاد ڪري ٿـا آهه ڀريون،
تو لال لڪل ٿي گهاريو، پر،
اَڄ تنهنجو ٿي ٿـا ڏيان ڏريون.

(٧)

سائين تنهنجي سهڻي صورت،
هـري پريم جـي مهڻي مورت،
دل ۾ ان جـو آهـي ڏيـرو،
ڇـو تہ دلين جـي آهين دولت.

(٨)

جيـئون گهـاريءَ الستـيءَ ۾،
جـوڳين واري اُن هستي ۾،
جـن جـي مـنـزل اُتهہ مستي،
پـر تـون پوڳـي درستيءَ ۾.

١٢-

ڏک لاهج

جي توکي ياد ڪن داتا، انهن ڏاسن جا ڏک لاهج،
۽ اوپيو پـاڻ آ توکي، انهن کي پـاڻ ڏڳ لائج.

(١)

اسان جي راهه جا رهبر، اسان کي واٽ ڏس سولي،
سنڀاريون شوق سان سائين، اسان هيڻن کي همٿائج

(٢)

نشو ئي نام جو جيڪي، خماري ۾ رهن هردم،
رهن جي مست مستيءَ ۾، انهن مستن کي رڄهائج،

(٣)

ڪنو قربان سر توتان، سمت سرويچ ڏي سائين،
ننگن جو ننگ پڪ مالڪ! الاهه المست اوڀائج.

(٤)

ڏني ڏوري اسان توکي، هلائج پنهنجي هيڻن کي،
نبل آهيون ته ٻل ڏي تون، ۽ ڪمزورن کي ورسائج.

(٥)

دنيا جي ٻي نمائي داغ، دوکي کـان پري رکجانءِ،
ڪو ويري ڪونه آڏو ٿئي تون دشمن سڀئي موٽائج.

(٦)

پلائج پوڳ دنيا جـا، ڇون تنهنجا رهـن ڇٽ ۾،
تون پنهنجي پاونـا ۾ رکي، پـرم پوتو ۾ نه پنيلائج.

١١-

● پريم جو پيغام

شوق سان شيوا ڪئي، شيوا ۾ شيوارام ٿيو،
هو سدا سرهو رهيو، هر ڪم اندر نشڪام ٿيو.

١- هن هريءَ کي خوب ڄاتو، هن اڳيان سجدو ڪيو،
انڪري اَڄ پاڻ ٻيو روپ ۾ گھنشيام ٿيو.
٢- نيڪ ناميءَ جو جھنڊو، هن جو سدا بلند رهيو،
لوڪ واسين لاءِ لالڻ، پريم جو پيغام ٿيو.
٣- هن چيو: آهي سماڄن ۾ لکل سچ جو ڌڻي،
هن اڳيان هر هر پڪاريو، جو رحيم ۽ رام ٿيو.
٤- جن ڏني آ جاءِ دل ۾، تن جو خاوند ٿي پيو،
مشڪلاتن ۾ پڪاريو، تن لاءِ پڻ آرام ٿيو.
٥- سک، شرڌا ۽ صدق، ڇا نہ ٿو پراپت ٿئي،
ٻاجھ ٻاجھارو ڪري، پوءِ خاص ٻي پڻ عام ٿيو.
٦- مهر جا مالڪ وسائي، مينهن پل تن جي مٿان،
ٻي اَجھن، دردين، دکين جي دل اندر وسرام ٿيو.
٧- جي پياسي ۽ اُداسي سک رکي هن ڏي پڳا،
تن جڏن، محتاج، مانوُن لاءِ سندر شيام ٿيو.

١۴-

● سائين شيوارام جن

ياد آ هردم اندر ۾، سائين شيوارام جن،
گهر سندس من جي مندر ۾، سائين شيوارام جن.

١- هو گيانن ۾ گياني، هو اداسين ۾ ڌياني،
دان ڏيندڙ ڀاڳ داني، سائين شيوارام جن.
٢- رهت واري رمت رهڻي مشڪ هنجي ڀاڳ مهڻي،
قرب واري قول ڪهڻي، سائين شيوارام جن.
٣- نظر ۾ جادوگري ۽ دل ديا جي هن ڌري،
تياڳ هن جو سرسري، سائين شيوارام جن.
۴- هو هٿو انسان اوچو، ڀوءِ ٻٽيو ڀڳوان اوچو،
مهلتا مهروان اوچو، سائين شيوارام جن.
۵- نبض يگ جي هن سڃاتي، وقت جي هن ڀار جاتي،
ڀوءِ اهڙا گيت ۾ ڳاتي، سائين شيوارام جن.
٦- هو آنانن جو سوامي، هو ستيه اهنسا جو حامي،
مهر هن جي تي مدامي، سائين شيوارام جن.
٧- مان گهٽيون ۽ گهڙ پيٽيان، هتي هتي هروار ڳولهيان،
شل "پياسي" ڪيس پايان، سائين شيوارام جن.

١٣- ● لات شيوارام جي

أڄ فضا ۾ گونجي ٿي لات شيوارام جي،
سار وٺي هر هر ڪري ٿي، بات شيوارام جي.

١- هو منو محبوب هو ۽ خود هريءَ جو روپ هو،
شبد واڻي ٿي پيئي سوغات شيوارام جي.

٢- پريم ۾ پنهنجو ڪري هن قرب ۾ قابو ڪيو،
أڄ أچي ٿي ياد أهڙي ذات شيوارام جي.

٣- برهمچاري هو، مگر هن لوڪ سان ناتا ڳنڍيا،
ٿي رهي هردي اندر بس تات شيوارام جي.

٤- ڪيترا سادو سنارڪ ٿيا، مگر هوُ هو الڳ،
خلق ۾ خالق ڏٺي، جذبات شيوارام جي.

٥- پاڻ ڀڳتيءَ جو پرڻ مان پيلواڙي ۾ ڪٺي،
جو رچيو مانڊاڻ ٿي، خيرات شيوارام جي.

٦- جي سکيائون هن ڏنيون ڪيئن وڃن وسري أهي،
وچن واڻي سان شروع، پرڀات شيوارام جي.

٧- مان نمان، هر هر نمان، نمندو رهان هنجي اڳيان،
جنهن جي نيڻن ۾ لڪل جذبات شيوارام جي.

١٦.

● ليلا تنهنجي آهه اٿاهه

(١)

ڀرن سان ڀلاوڙا آندءِ،
پنهنجي ڏاهه کي خوب سجايءِ،
خواب حقيقت ۾ سمجهايءِ،
وقت وقت جي رمز ٻڌاءِ،
آهين اهڙو شاهنشاهه،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

(٢)

ڪوڙ جو پڙدو لاهڻ چاهيءِ،
سچ جو راز ٻڌائڻ چاهيءِ،
ڪنهن کي ڪين منجهائڻ چاهيءِ،
هر پل جاپ جپائڻ چاهيءِ،
سائين شيوارام ملاح،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

(٣)

من جو ميل مٽايءِ بابا!
ڌيان هريءَ سان لائيءِ بابا!
سوکيم ساز وڄايءِ بابا!
پرميشور پرچايءِ بابا!
هيڻن جو بابا همراهه،
ليلا تنهنجي آهه اٿاهه.

١٥-

مهر ڪندو ٻيو مالڪ

"هري هري" هروار پڪاري، "هري" سندس جذبات ۾ آ،
هري ٻيو هر راهه ٻڌائي، "هري" سندس هر ٻات ۾ آ.

(١)

ٻنڪڙ منهنجي وس کان ٻاهر، هوءَ پنهنجي دڳ لڳائيندو،
اونده مان شل ڪڍندو ٻاهر، ڇو ته سدا ٻرپات ۾ آ.

(٢)

ڪوڙ ڪپٽ کان پري ڪيائين، سڪ جو سالڪ ٻٽي ٻيو،
مهر ڪندو ٻيو منٺو مالڪ، پيار سندس خيرات ۾ آ.

(٣)

مان ڇا آهيان، ڪرٽو ڇا ٿم، هو منهنجي پرگهور لهي ٿو،
مونکي گيان ٻڌائي هردم، رحم سندس هر لات ۾ آ.

(٤)

ڪٿن ڪمن کان پري هٽائي، پاپ کان پلئه ڇڏائي ٿو،
هن جي اهڙي سرس سچائي، ادم پريءَ سوغات ۾ آ.

(٥)

رکي يقينو من تي مون، سڀ آرپيو پنهنجو هن کي آ،
منهنجا ڪم سڀ پورا ٿيندا، جيڪي ٻه خيالات ۾ آ.

(٦)

شرڌا مون سڀ پنهنجي گهوري، هنجي ٻيو آسيس گهران،
پياسي آءُ عدين جو آهيان، اهوئي منهنجيءَ ذات ۾ آ.

☼ اُستتي ☼

— لنؤ آندر جا لوچ —

جڳ يوگيشور ديـن ديال،
ڪرپانڌان - جڳ پرتال.

وارون وار ڪريان نوڙت،
منهنجي رکندو پاڻ ٿي پت.

برهما هريءَ جو اوتار،
شرناگت لاءِ تارڻ هار.

انترجامي برهم الک،
اندر باهر هو سمک.

پورڻ ڪر تو ڪري سهاءِ،
هن وقت ڪنهن لاءِ ڪمي نہ آهہ.

چتر ٻوڄ، من جو مندار،
هر نراڌار جو آڌار.

هو جاڻي ٿو مان اڻ جاڻ،
پاڻ ڊگمبر پاڻ سڄاڻ.

(۴)

ٻرهم گيان جي وات ٻڌائيءِ،
من جي شنڪا سمسا لاٿءِ،
ڌرم ڪرم ۾ اڳتي آلسءِ،
ڀرمين جا ڀوڙ ڀولا لاٿءِ،
تو تان پنهنجو گهوريو ساهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(۵)

جيڪو منش هو اڳم ماندو،
ان کي دڳ سنگين تي آندو،
پڄي وڌءِ ڀرمن جو پاندو،
تنهنجو جادو هو هيڪائيندو،
ڏيندين سائين پاڻ پناهه،
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

(٦)

”سڌ ۾ سڌ“ ملائيندين شل!
هڏ سان هڏ لڳائيندين شل!
پاڻ سان گڏ هلائيندين شل!
هن جو مڏ مٽائيندين شل!
منهنجا بخش ڏٺي گناهه!
ليلا تنهنجي آهي اٿاهه.

تارڻ هار سوامي سائين،
سڀني پيو سڏ پاڻ سدائين.
جنم مرڻ جو ڀپ تو لاهي،
ٻاجهه پيو ٻاجهارو آهي.
پري پنڌارو ڏئي سنيهه،
اهڙو هو اوتاري هيءُ.

قدم قدم تاري ڪرتار،
سڀ کي ڏئي هڪ جهڙو پيار.
پيڙائن کان ٻاڻ اُتاري،
ٻڌلڌڙ پاپي، ڪامي، تاري.
هر ڪنهن جي هو ڪري ٿو واهر،
رکيا ڪري ٿو، اندر ٻاهر.

سنڪٽ ڪاٽي سهج ڪري،
ڪوبه نه هن کان پلڪ ٻري.
سهما هو ساڪياٽ ڪري ٿو،
هر پيڙا کان ماٽ ڪري ٿو.

سڳڙا ڏاڳا ڏئي ٿو ڏاتر،
جل پيوٽي دوکين ڪاتر.
هن جو هڏو پراپڪار،
دين ديالو هو داتار.

راڄ ڏٺي ٻريو ساڪيات،
جنهن جي تن من ۾ آ تات.

رتي سڌيءَ ۾ ٻريم اپار،
انتي مڪتيءَ جو پڌار.

پاڻ دکن جو لاهي ڏنب،
ڪري سکن جو هو آرنب.

شڪر جيڪن سنيار يو ٿي،
۽ وشٽوءَ وانگر تاريو ٿي.

جنم مرڻ جو پوُ سنساري،
مهر ڪئي تي پاڻ پياري.

سنساري مايا کان مڪت،
اندر اونهو — ماڻ مهنت.

هن جي ليلا هئي پر بل،
سنت سروڻي هئا پهتل.

ڪيڪاريندو چئي ”ستنام“،
هريءَ جو هر هر ڏني پيغام.

ذات ڪئي هرڪنهن تي مهر،
هن ڪي هئي هرڪنهن لاءِ پهر.

هردي ۾ ڌاري ستنام،
ٻوجي گرو پنهنجي هو نام.

آديءَ وياڌيءَ کان هو دور،
ڪو نه اپاڌيءَ جو ڪو ٻُور.

هن کي هر نعمت جي ڄاڻ،
هو نر ٻاڻ سدا نرماڻ.

جنهن لئي هنجي ڄاڻ کي ڄاتو،
تنهن ٿي سچ پچ ڪيس سڃاتو.

ڇا جو جيون - ڇا جو مرت،
ڪيس سدا سائينءَ جي سرت.

گرو گياني هو سڀ ڀرم،
رحم ڪيائين ٿي رحيم.

ڏٺ ديگمر روپ انيڪ،
روپ روپ ۾ سندس ويک.

ڪين چڙهيس مايا جو رنگ،
هن لاءِ مايا ڄڻ بي رنگ.

تڏهن ته هن لاءِ لوچين لوڪ،
ٻر ۽ ٻحر ۾ ڦاڙين ٻوڪ.

هو ته ديالو ٻاڻ عجيب،
هر هردي جو ٿيو حبيب.

اڻا ڪت هر لاءِ هن جو پريم،
مشڪي ٻولڻ هن جو نيم.
سدا رهيو سڀ جو آڌار،
هر جاءِ سان هنجو پيار.

ٻيڙا ڪان ڏيا ڪين ڏور،
لاڏائون هر ڪنهن جا سور.
هري ڀڳت لاءِ سو رگهوناٿ،
ڏک سک ۾ سڀني سان ساٿ.

جيڪو ڏو هر وار نمي،
ڪڏهن نہ ان جو وار لمي.
هو ئي هڪڙو ساٿ سروپ،
مانس ڏيهہ ۾ هنجو روپ.

لکل هئي هنجي ڪرامت،
سچ پچ پريو هو ساڪيامت.
مشڪي مشڪي ڏئي آسيس،
هو ئي ڏين بندو درويش.

رام ڪرشن جان ڪري ڪمال،
ٻهنجيءَ هر ليلا سان نهال.
رحمت وارو پاڻ رحيم،
ڪرامت وارو مٺيو ڪريم.

ضروري درستيون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٢	٤	ٿو	ٿم
٢	٥	لکيائين	لکائين
٣	١٩	نظم ني	نظم
٥	١٥	اها	اهاءُ
٥	١٢	چاڙ	پاڙ
٦	٩	ڙ	چوڙ
٨	١	نيار	نياز
٩	٤	کيڙو	کيڙيو
٩	١٧	رام پاڙ	رام ٻاڙ
١٦	١٠	يابا	ٻابا
١٩	١٧	لقظ	لفظ
٢٢	٦	سايي	امر جي
٢٥	٣	مکيو	مليو
٢٧	٢١	جڳتياسين	جڳياسين
٣٦	١٣	مدايون	چون مدايون
٣٧	٤	باڌائين	ٻاڌائين
٣٨	٢	مورت	صورت
٣٩	١	باعن	باغن
٤٥	١٧	ٽڙفن	ٽڙقن

ٽيم ٽيم ۾ پورڻ سائين ،
اُنڌي وهندي "هري" ڇپائين ،
مالڪ مانجهي مرد ملاح ،
هرڪنهن لاءِ هو شاهن شاهه .

وارون وار وڃان ٻلهار ،
مونکي بس هنجو آڌار .
نت نمي شل منهنجو سيس ،
مونتي هنجي ٿئي آسيس .
اَنيوي هو هئي داتار ،
هر ڪنهن جو هو پالڻهار .
پياسيءَ جي آ پياس سديو ،
جڳ جڳ، جڳ جڳ، جڳ گرديو .

ـ ڪمل پياسي

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٤٦	١٨	مڪڙ	مَن
٤٨	١٧	پڙ	پڙ آ
٥٢	١٠	ٻر	ٻٿر
٥٢	١١	ٽٿر	ٻٿر
٥٤	١١	اڙ ڻگا	اڏا ڻگا
٥٥	٤	پوء	ٻوء
٥٦	١٣	د ڪي	اهو ئي
٦٠	١١	منهن	موهه
٦٢	٤	ڪنر	ڪنب ۾
٦٣	٤	پورپ	ٻورب
٦٤	١٩	عضبي	غضبي
٦٨	٧	ٽڙي	پٽي
٧٣	٦	مَن	هن
٧٦	١٥	شدوائي	شدواٽي
٧٧	١١	مهت	ڌارڻ
٧٩	٦	رامن	راهن
٨٨	١٦	هن	مَن
٩٠	٩	سيساري	ويساري
٩٢	٥	ڪين	ڪيئن
٩٢	١٣	ڪرامت	ڪراماٿ